هفتيوار رسالو



# رمضان الڪريم جي سجاوٽ




- مولا علي جي فاروق اعظم لاءِ دعا
- مسجد الحرام شريف جي سجاوٽ
- مسجدن کي روشن ڪرڻ جي فضيلت
- رمضان سان محبت جو هڪ انوکو مثال

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **رمضان شريف جي سجاوٽ**

ڇاپو پهريون: شعبان 1447 ھ فروري 2026ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# رمضان شريف جي سجاوت

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

## رابطي جي لاءِ:

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# رمضان شريف جي سجاوت

**دعاءِ عطار:** اي الله پاڪ! جيڪو بہ ھي رسالو ”رمضانُ الڪريم جي سجاوت“ مڪمل پڙھي يا ٻڌي وٺي، ان کي ماهِ رمضان جو حقيقي قدردان بڻاءِ ۽ ان جي قبر کي روشن فرمائي ڪري ڪيس والدين سميت پنھنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ بنا حساب ڪتاب جنتُ الفردوس ۾ پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

مسلمانن جي پھرين خليفي، حضرتِ سيدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو فرمانِ عاليشان آھي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ پڙھڻ گناھن کي ايترو جلد مٽائيندو آھي جو پاڻي بہ باھ کي ايترو جلدي ناھي وِسائيندو ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪلڻ غلامن کي آزاد ڪرڻ کان افضل آھي. (تاريخ بغداد، 172/7، رقم 7 360)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ لاءِ دعا

حضرتِ ابواسحاق هَمداني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (مسلمانن جي چوٿين خليفي) اميرُالمؤمنين حضرتِ عليُ المرتضٰي شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ رمضانُ المبارڪ جي پھرين رات ٻاھر تشريف کڻي آيا تہ ڏٺائون تہ مسجدن تي بتيون چمڪي رھيون (يعني ڏيئا روشن) آھن ۽ ماڻھو قرآن ڪريم جي

تلاوت ڪري رهيا آهن. اهو ڏسي پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ارشاد فرمايو: ''نَوَّرَ اللهُ لَكَ يَا عُمَرَ ابْنَ الْخَطَّابِ فِيْ قَبْرِكَ كَمَا نَوَّرْتَ مَسَاجِدَ اللهِ بِالْقُرْآنِ يعني اي اميرُ المؤمنين حضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ! الله پاڪ اوهان جي قبر کي اهڙو ئي روشن ڪري، جهڙو اوهان مسجدن کي قرآنِ ڪريم جي تلاوت سان روشن ڪيو.“

( موسوعہ ابن ابی الدنیا، 369/1، رقم 30)

الله پاڪ جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہر طرف نور چھانے والا ہے مرحبا چار سُو اجالا ہے
غمزدہ دل کی کھل اُٹھیں کلیاں واہ! کیا بات ماہِ رمضاں کی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## معزز مهمان جو استقبال

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رمضانُ المبارڪ جي عظمت ۽ شان جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، هي مهينو وڏين برڪتن، رحمتن ۽ مغفرتن جو خزانو آهي. اللّٰه پاڪ هن مبارڪ مهيني ۾ پنهنجو فضل ۽ ڪرم پنهنجي ٻانهن تي ايتري قدر وڌائي ڇڏيندو آهي جو جنت جا دروازا کولي جهنم جا دروازا بند فرمائي ڇڏيندو آهي صرف ايترو ئي نه، بلڪ نيڪين جو اجر ۽ ثواب به ڪيترا ئي ڀيرا وڌائي ڇڏيندو آهي. رمضانُ المبارڪ جي روزيدارن تي ڏينهن هجي يا رات، رحمتِ اِلٰهي جي برسات وسندي رهندي آهي پر الله پاڪ جو هي مهربان مهينو صرف ”29“ يا ”30“ ڏينهن جو مهمان هوندو آهي. عام طور تي جڏهن ڪو مهمان اسان جي گهر ايندو آهي ته اسان ان جو سٺي انداز سان استقبال ۽ مهمان نوازي ڪندا آهيون، ۽ جيڪڏهن ڪو نهايت معزز ۽ قابلِ احترام مهمان اچي جيڪو اسان کي مختلف تحفا (Gifts) ۽ ڪائنٽ پيئنٽ جون رنگين نعمتون عطا ڪري ته اهڙي مهمان جي استقبال جو انداز به نرالو هوندو آهي. اللّٰه پاڪ جي طرفان عطا ڪيل ”رمضان ڪريم“ اسان گنهگارن لاءِ هڪ نهايت معزز، محترم ۽ مهربان

مهمان آهي، ان ڪري ئي هن مبارڪ مهيني جي اچڻ تي سڄي دنيا ۾ مسلمان، عاشقانِ رمضان، پنهنجي ملڪن، شهرن، علائقن، مسجدن ۽ گهرن کي سجائِيندا ۽ خوشيون ملهائيندا نظر ايندا آهن ۽ خوشيون ڇو نہ ملهائين، جو هي مبارڪ مهينو آهي ئي ايترين برڪتن، رحمتن ۽ بخشش وارو، جو هن مبارڪ مهيني جي اچڻ تي خوش ٿيڻ، هڪ ٻئي کي مبارڪباد ڏيڻ سنت (مان ثابت) آهي. (مرأة المناجيح،137/3)

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرتِ عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ (رمضانُ المبارڪ جي تشريف آوريءَ تي) فرمائيندا هئا: "ان مهيني کي خوش آمديد، جيڪو اسان کي پاڪ ڪرڻ وارو آهي. (تنبيہ الغافلين، ص177)

آيا رمضان آگيا رمضاں واہ! کيا بات ماہِ رمضان کی
جان رمضان پر مِری قرباں واہ! کيا بات ماہِ رمضاں کی

# مسجدُ الحرام شريف جي سجاوٽ

تقريبن پوڻا اٺ سؤ سال پهريان جي مشهور تاريخدان ابوعبدُالله محمد بن عبدالله، جيڪو ابنِ بطوط جي نالي سان مشهور آهي، لکن ٿا: مڪي پاڪ جي رهواسين جي اها عادت آهي تہ جڏهن رمضانُ المبارڪ جو چنڊ نظر ايندو آهي تہ وڏي ڌوم ڌام ٿي ويندي آهي. مسجدُ الحرام شريف (اها مبارڪ مسجد جنهن ۾ خانۂِ ڪعبہ شريف موجود آهي ان) جي فرش تي نوان تڏا وڇائي، ايتري قدر گهڻيون ميڻ بتيون ۽ ڏيئا ٻاريا ويندا آهن جو حرمِ مسجد روشنين سان جڳمڳائي اٿندو آهي، مسجد شريف ۾ محفلون قائمِ ڪيون وينديون آهن ۽ چئني طرفن خوشي ۽ مسرت جو سماءُ هوندو آهي. چئن ئي مذهبن (يعني حنفي، شافعي، مالڪي ۽ حنبلي) جا عاشقان رسول پنهنجي پنهنجي پيش امامن سان گڏ نمازون ادا ڪندا آهن، مسجدُ الحرام شريف قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ وارن سان گونجي اٿندي آهي، جنهن سان دلين ۾ رقت (يعني نرمي) پيدا ٿيندي آهي ۽ اکيون اشڪبار ٿي وينديون آهي. ڪجھ ماڻهو صرف طوافِ خانۂِ ڪعبہ ۾ مشغول ٿي ويندا آهن ۽ ڪجھ حطيم ۾ اڪيلي نماز پڙهڻ ۾ مصروف رهندا آهن.

شافعي عاشقانِ رسول جي اها عادت آهي ته اهي نمازِ تراويح ادا ڪري پنهنجي امام سان گڏ خانہ ڪعبہ جو طواف ڪندا آهن.

سحريءَ جي وقت مسجد الحرام جي مشرقي مناري تي مقرر زمزمي مؤذن ماڻهن کي سحريءَ جي ترغيب ڏيندو آهي. هر مناري جي چوٽيءَ تي ڪاٺ جو هڪ گادر نصب ٿيل هوندو آهي، جنهن تي شيشي جا ٻہ وڏا قنديل روشن ڪري لٽڪايا ويندا آهن. ڏهن فجر جو وقت ويجهو ايندو آهي تہ انهن قنديلن کي هڪ هڪ ڪري هيٺ لاهي وسايو ويندو آهي ۽ پوءِ اذان ڏني ويندي آهي. مڪي پاڪ جا اهي گهرَ جيڪي مسجدُ الحرام کان پري هوندا آهن ۽ انهن تائين اذان جو آواز ناهي پهچندو، اهي عاشقانِ رسول انهن روشن قنديلن کي ڏسي سحري ڪندا آهن، ۽ جڏهن اهي نظر اچڻ بند ٿي وينديون آهن تہ کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندا آهن.

ماهِ مهربان، رمضان جي مهيني جي آخري ڏهاڪي جي طاق (اِڪي) راتين ۾ قرآن ڪريم ختم ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ قاضيءِ اسلام، علماءِ ڪرام ۽ شهر جا وڏا ماڻهو شرڪت ڪندا آهن. انهن محفلن ۾ مڪي پاڪ جي اعليٰ خاندانن جي ٻارن کان قرآن ڪريم ختم ڪرايو ويندو آهي، ان کان پوءِ ريشم سان سينگاريل منبر تيار ڪيو ويندو آهي ۽ شمع روشن ڪئي ويندي آهي، پوءِ اهو ٻار (جنهن قرآن ختم ڪيو هوندو آهي) خطبو (يعني نيڪيءَ جي دعوت) ڏيندو آهي. ان کان پوءِ ٻار جو والد ماڻهن کي پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت ڏيندو آهي ۽ گهر ۾ انهن حضرات جي مهمان نوازي ڪندو آهي ۽ ڪين بهترين ڪاڌا ۽ مٺائيون کارائيندو آهي. ماهِ رمضان جي سڄي آخري ڏهاڪي (جنهن کي جهنم کان آزاديءَ جو ڏهاڪو چيو ويندو آهي) ان جي طاق راتين ۾ اهو ئي معمول هوندو آهي.

## ستاويهين رات جو خصوصي اهتمام

مڪي وارن جي ويجهو ستاويهين رات (ليلةُ القدر) سڀ کان عظيم رات هوندي آهي، اهي ان مبارڪ رات جو اهتمام ٻين سمورين راتين کان وڌيڪ ڪندا آهن. ان بابرڪت رات ۾ مقامِ ابراهيم جي پويان قرآن ڪريم جو ختم ٿيندو آهي. حرمِ پاڪ ۾ ڪاٺ جي هڪ وڏي ٿي ماڙ ڏانچي تي

قنديلون ۽ شمعون ايتري تہ ڪثرت سان روشن ڪيون ويندیون آهن جو انهن جي تجلي اکين کي حيران ڪري ڇڏيندي آهي. 29 هين رات تي فقه مالڪي جا امام پنهنجو قرآن ڪريم ختم ڪندا آهن جيڪا ڏيکاءُ ڪان پاڪ هڪ نهايت ئي پروقار محفل هوندي آهي. (رحلة ابنِ بطوطہ، ص 102 ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! اڄ رمضان المبارڪ ۾ مسجدن اندر جيڪا روشني ۽ چراغان ڪيو پيو وڃي، اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي، بلڪ اڄ ڪان سوين سال اڳ مسجد الحرام شريف ۾ بہ روشني جو اهتمام هوندو هو ۽ اڄ بہ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ رمضان جي آمد تي مسجدن ۽ گهرن کي سينگاريو ويندو آهي بلڪ اسان جي پياري پياري آخري نبي مڪي مدني محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري زماني ۾ بہ مسجدن ۾ روشني ڪرڻ جون روايتون موجود آهن، جيئن تہ

## مسجدِ نبوي ۾ چراغ جي شروعات

صحابيءِ نبي، حضرتِ تميم داري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي غلام سراج رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مسجد ۾ کجين جي ٽارين ۽ پنن سان روشني ڪئي ويندي هئي. اسان قنديلون (فانوس جو هڪ قسم، جنهن ۾ چراغ روشن ڪيا ويندا آهن)، زيتون جو تيل ۽ رسيون ڪٺي آياسين ۽ مون (قنديلون لٽڪائي) مسجد ۾ روشني ڪئي. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ڏسي پڇيو تہ: اسان جي مسجد کي ڪنهن روشن ڪيو آهي؟ حضرت تميم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: منهنجي هن غلام. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيائون: هن جو نالو ڇا آهي؟ پاڻ عرض ڪيائون: فتح. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بلڪ هن جو نالو سراج آهي. پوءِ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو نالو سراج رکيو. (وفاء الوفا،596/1 ملخصاً، الاستيعاب، 2/ 242 ملخصاً)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## مسجد ۾ لائٽنگ ڪرڻ جو رواج تمام پراڻو آهي

حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه پنهنجي مشهور تفسيرِ قرآن "نورُ العرفان" ۾ لکن ٿا: حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام بيت المقدس ۾ اهڙي تہ روشني فرمائيندا هئا جو ڪوهين ڏور، ان جي روشنيءَ ۾ عورتون چرخو ڪتي وٺنديون هيون. حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام بيتُ المقدس ۾ ڪبريتِ احمر (لال گندرف) جي روشني ڪئي جنهن جي روشني ٻارهن مربع ميل تائين هوندي هئي ۽ ان کي چانديءَ ۽ سون سان سينگاريو. (تفسير نور العرفان، ص301)

تفسيرِ روحُ البيان ۾ آهي: حضرت سليمان عَلَيۡهِ السَّلَام مسجد ۾ هڪ هزار ست سؤ "سونيون قنديلون" چانديءَ جي زنجيرن سان لٽڪائڻ جو حڪم جاري فرمايو هو. (تفسيرروح البيان، پ10،التوبة، تحت الآية: 18، 3/ 400)

## مسجدن کي روشن ڪرڻ جي فضيلت

مسلمانن جي ٻئي خليفي، حضرت سيدنا عمر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ: "جنهن الله پاڪ جي مسجدن کي روشن ڪيو، الله پاڪ ان جي قبر کي روشن فرمائيندو، ۽ جنهن مسجد کي پاڪيزه خوشبوءِ سان خوشبودار ڪيو تہ الله پاڪ ان جي قبر ۾ جنت جي خوشبو داخل ڪندو."

(شرح الصدور بشرح حال الموتٰی والقبور، ص 159 ملخصاً)

حديثِ پاڪ ۾ بيان ٿيل آهي: "جنهن مسجد ۾ چراغ روشن ڪيو، تہ جيستائين مسجد ۾ روشني رهندي آهي، تيستائين عام ملائڪَ ۽ عرش کڻڻ وارا خاص ملائڪَ ان لاءِ بخشش جي دعا گهرندا آهن.

( تفسير ڪبير،پ10، التوبة: تحت الاية:18، 11/6)

اي عاشقانِ ماهہ رمضان! اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! رمضانِ ڪريم جي تشريف آوريءَ تي سڄي دنيا ۾ هن مبارڪ مهيني کي مختلف انداز سان Celebrate (ملهايو) ويندو آهي. ڪيترن ئي ملڪن ۾ رمضانُ المبارڪ جي اچڻ تي گهرن ۽ گهٽين کي "رمضانُ الڪريم ۽ اَهۡلاً يا رمضان" وغيره جي نالي جا اسٽيڪرز ۽ هلالِ رمضان (يعني رمضان جي چنڊ) جي بورڊن سان سجايو ويندو آهي. ٻار نوان ڪپڙا پهري، مختلف قنديلون هٿن ۾ کڻي چوڪن،

گهٽين ۾ رمضان جي اچڻ تي مبارڪباد ڏيندا ۽ خوشي ملهائيندا نظر ايندا آهن. سوشل ميڊيا ذريعي مختلف ملڪن جهڙوڪ عرب شريف، مصر، عراق، شام، يمن، امارات وغيره جي رمضان جي آمد تي خوشين ۽ سجاوٽن جا مختلف وڊيوز ڏسي سگهجن ٿا. ياد رکو! قرآن جي نزول جي مهيني

”رمضان شريف“ ۽ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي مهيني تي گهرن، گهٽين ۽ محلن کي سجائڻ جي قرآن ۽ حديث ۾ ڪٿي به ممانعت ناهي، بلڪ قرآن ڪريم جي سيپارو 8، سورةُ الاعراف جي آيت نمبر 32 ۾ ارشاد آهي:

﴿قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اوهان فرمايو: الله جي ان زينت ڪي ڪنهن حرام ڪيو جيڪا ان پنهنجي ٻانهن لاءِ پيدا ڪئي آهي؟

تفسير ”**صراطُ الجنان**“ ۾ آهي: هن آيت مان معلوم ٿيو ته جنهن شيءِ کي شريعت حرام نه ڪري، اها حلال آهي. حرمت (يعني حرام هجڻ) لاءِ دليل جي ضرورت آهي، جڏهن ته حلت (يعني حلال هجڻ) لاءِ ڪو دليل ضروري ناهي. (تفسير صراطُ الجنان، پ8، الاعراف، تحت الاية: 32، 3/ 303)

## جنت سجائي ويندي آهي

حديثِ پاڪ ۾ آهي: حضرت سيدنا عبدُالله ابنِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: بيشڪ جنت سال جي شروعات کان وٺي ايندڙ سال تائين رمضان المبارڪ جي لاءِ سينگاري ويندي آهي. (شعب الايمان 312/3، حديث:3633)

## جنت ڪير سجائيندو آهي؟

حضرت علامه علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان (يعني جنت کي) سون سان سجايو ويندو آهي ۽ حقيقي طور تي ان جي سجاوٽ کي الله پاڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو. (مرقاة المفاتيح، 458/4، تحت الحديث: 1967)

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنت پاڻ ئي سينگاريل آهي، پوءِ جڏهن ان کي اجا وڌيڪ سينگاريو وڃي ۽ وري ان جا سينگارڻ وارا ملائڪ هجن، تہ پوءِ ان جي آرائش ڪهڙي نہ ڪمال هوندي!! ان جو سينگار اسان جي وهم ۽ گمان کان بہ مٿانهون آهي. ڪجھ مسلمان رمضان ۾ مسجدون سجائيندا آهن، اتي رنگ ڪندا آهن، جهنڊيون لڳائيندا آهن، روشني ڪندا آهن، انهن جي اصل اها ئي حديث آهي. ( مرأة المناجيح، 143/3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان جو مهينو "شهرُ اللّٰه" يعني اللّٰه پاڪ جو مهينو آهي، هن مبارڪ مهيني جي ادب ۽ تعظيم لاءِ جيڪو جيتري ڪوشش ڪندو، اهو اوترو ئي ثواب ماڻيندو. اللّٰه پاڪ جي رحمت سان، رمضان جي اچڻ تي جيڪو محبت ۽ تعظيم جي ڪري پنهنجي گھر کي سجائيندو آهي، اهو رحمتِ الٰهيءَ جو حقدار بڻجندو آهي، ڇوتہ ماهِ رمضان سان محبت اصل ۾ اللّٰه پاڪ سان محبت آهي، ڇوتہ هن مهيني سان محبت صرف "اللّٰه جي رضا" لاءِ هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن پياري مهيني ۾ عبادت جو ذوق شوق وڌي ويندو آهي، هن مبارڪ مهيني ۾ دليون عبادت لاءِ تيار ٿي وينديون آهن، ۽ جيڪي ماڻهو سڄو سال قرآنِ ڪريم جي تلاوت کان محروم رهندا آهن، اهي بہ تلاوتِ قرآن جي سعادت ماڻيندا آهن. مسجدون نمازين سان ڀرجي وينديون آهن ۽ سحري و افطاريءَ جو وقت نهايت پرڪيف ٿي ويندو آهي. حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رمضان ماڻهن جون دليون بدلائي ڇڏيندو آهي، جو ان جي اچڻ سان ئي مسجدن ۾ رونق اچي ويندي آهي، تلاوت ۽ ذڪر جي ڪثرت ٿي ويندي آهي. يارهن مهينن جا وعظ (يعني بيان) اهو اثر ناهن ڪندا، جيڪو صرف "رمضان جي آمد" اثر ڪندي آهي. (تفسيرنعيمى، پ2، البقرة، تحت الاية:185، 205/2)

## اللّٰه پاڪ لاءِ محبت جو مثال

امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪنهن سان اُخروي مقصد لاءِ محبت ڪرڻ، مثال طور شاگرد جي پنهنجي استاد سان يا مريد

جي پنهنجي پيير سان ان ڪري محبت ڪرڻ تہ جيئن انهن جي ذريعي هو علم حاصل ڪري نيڪ عمل ڪري سگهي ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿي سگهي تہ اها محبت رضاءِالٰهيءَ لاءِ محبت آهي. اهڙي طرح استاد جي پنهنجي شاگرد سان ان ڪري محبت ڪرڻ تہ هي شاگرد علم پکيڙڻ جو ذريعو آهي، جنهن جي ڪري ڪيس الله جي بارگاهہ ۾ عزت ملندي آهي، تہ اها محبت بہ رضاءِ الٰهيءَ جي زمري ۾ اچي ٿي. پاڻ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه هڪ ٻي جاءِ تي فرمائن ٿا: جيڪو شخص الله جي رضا لاءِ لذيذ ڪاڌا تيار ڪري ۽ سنا ڪاڌا ناهڻ جي ڪري ملازم سان محبت ڪري، تہ اهو شخص بہ الله جي رضا لاءِ محبت ڪرڻ وارن ۾ شمار ٿيندو. ( احياء العلوم 2/ 203، 204)

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عليٰ احسانهٖ و ڪرمهٖ! اسان ڪي بہ رضاءِالٰهيءَ لاءِ ماهِ رمضان سان پيار آهي. حقيقي عاشقانِ ماهِ رمضان، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ڪجهہ شعرن ۾ رمضان سان محبت جو خوب اظهار فرمايو آهي: پڙهو ۽ رمضان جي محبت ۾ جهومو:

## مونکي رمضان کان محبت آهي

| | |
|---|---|
| میرے ربّ کی یہ خاص رَحمت ہے | مصطفےٰ کی بڑی عنایت ہے |
| غوث و احمد رضا کی برکت ہے | مجھ کو رَمضان سے محبت ہے |
| ماہِ رمضاں سے جس کو اُلفت ہے | قابلِ رشک اُس کی قسمت ہے |
| بے شک اُس پر خدا کی رحمت ہے | قبر و محشر میں وہ سلامت ہے |
| ماہِ رمضاں جہاں میں پھر آیا | مغفرت کا پیام ہے لایا |
| رحمتِ حق کا ہوگیا سایہ | لحظہ لحظہ نزولِ رحمت ہے |
| خوب رونق ہے ماہِ غفراں کی | کیسی برکت ہے ماہِ قراں کی |
| واہ کیا بات ماہِ رمضاں کی | کیا ہی رمضاں کی شان و شوکت ہے |
| پہلا عشرہ ہے خاص رحمت کا | دوسرا مغفرت کا ہے عشرہ |

| | |
|---|---|
| تیسرے میں ملے گی آزادی | نار سے اُس کو جس پہ رَحمت ہے |
| مسجدیں ہوگئی ہیں پھر آباد | بڑھ گئی نیکیوں کی ہے تعداد |
| سرد بدیوں کا ہوگیا بازار | بڑھ گیا جذبۂ عبادت ہے |
| واہ سحری کی کیا بہاریں ہیں | خوب افطار کے نظارے ہیں |
| روزہ داروں کے وارے نیارے ہیں | کیا تراویح کی بھی لذت ہے |
| ماہِ رمضاں کا غم عطا فرما | یاخدا! چشم نم عطا فرما |
| ماہِ رمضاں کے عشق میں رونا | دو جہاں کیلئے سعادت ہے |
| ماہِ رمضاں کے روزہ داروں کی | خوش نصیبی ہے اور خوش بختی |
| اُس کو فیضانِ ماہِ رمضاں سے | خلد ملتی ہے ملتی جنت ہے |
| مالکِ دو جہاں! پئے جاناں | تو بنا اس کو عاشق رمضاں |
| ماہِ رمضاں کے عشق میں تڑپے | عرضِ عطارؔ ربِّ عزت ہے |

(وسائلِ فردوس، ص29، 30)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسجدن جون رونقون

حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: تراويح ۾ ختمِ قرآن جي وقت مسجد ۾ چراغان ڪرڻ نهايت ئي ڪارِ ثواب (يعني ثواب جو ڪم) آهي، ڇو ته هي به مسجد جي آباد ڪرڻ ۾ شامل آهي. مسجدِ نبوي ۾ سڀ ڪان پهريان اعليٰ درجي جا فرش حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ لڳرايا، ان ڪان پهريان اتي صرف بجري هئي. ان جي عاليشان عمارت سڀ ڪان پهريان حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ تيار ڪرائي. ان ۾ سڀ ڪان پهريان قنديلون حضرت تميم داري (رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ) روشن ڪيون. حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي دور ۾ رمضان جي تراويح جي موقعي تي پاڻ چراغان ڪيائون ۽ حضرت علي (رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ) جن حضرت عمر فاروق (رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ) ڪي قبر جي نور

جي دعا ڏني (تہ اللہ پاڪ توهان جي قبر کي روشن ڪري). (صحابيءِ رسول) حضرت دِحيہ ڪلبي (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ) مسجدِ نبوي ۾ چراغان ڪندا هئا. اهي سيئي حضرات اللہ پاڪ جا پيارا ٻانها هئا. (تفسير نور العرفان، ص301)

## رمضان جو مهينو شعائرُ اللہ مان آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! خوشي جي موقعن جهڙوڪ سالگرهہ يا شادي وغيره تي گهرن کي سجايو ويندو آهي ۽ روشنين سان جڳمڳايو ويندو آهي، جيڪڏهن رمضان جي تعظيم جي سٺين نيتن سان پنهنجي گهر کي لائيٽنگ وغيره سان سجائينداسين تہ اللہ پاڪ جي رحمت سان ضرور ثواب ماڻينداسين. رمضان شريف جي اچڻ تي خوشي ملهائڻ ۽ ان جي تعظيم ۾ گهرن ۽ دڪانن کي سجائڻ سعادت مند ماڻهن جو حصو آهي، ڇو تہ رمضان ڪريم شعائرُ اللہ (يعني اللہ پاڪ جي نشانين) مان آهي ۽ اللہ پاڪ جي نشانين جي عزت ۽ تعظيم ڪرڻ پرهيزگار ماڻهن جو ڪم آهي، جيئن تہ سيپارو 17، سورةُ الحج جي آيت نمبر 32 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

﴿ وَمَنۡ يُّعَظِّمۡ شَعَآئِرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنۡ تَقۡوَى الۡقُلُوۡبِ ۝۳۲ ﴾

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ جيڪو اللہ جي نشانين جي تعظيم ڪري تہ هيءَ دلين جي پرهيزگاري مان آهي.

"تفسيرِ نعيمي ۾ آهي: شعائر مان مراد هر اها شيءِ آهي جنهن جي تعظيم رب جي عبادت جي نشاني هجي، يا اهي نشان جن جي قيام جو رب حڪم ڏنو هجي، تنهنڪري اهي جايون، اهو وقت ۽ اهي علامتون جيڪي دين جون نشانيون هجن، اهي سڀ شعائرُ اللہ (يعني اللہ پاڪ جون نشانيون) آهن. ڪعبو، عرفات، مزدلفہ، صفا، مروه، منيٰ، مسجدون، بزرگانِ دين (رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم) جون مزارون، اهڙي طرح رمضان، عيد، جمعو وغيره دين جا شعائر آهن. (تفسيرِ نعيمی،97/2 ملخصاً) بلڪ جنهن شيءِ کي اللہ جي مقبول ٻانهن سان نسبت ٿي وڃي اها بہ شعائرُ اللہ (يعني اللہ پاڪ جون نشانيون) بڻجي وينديون آهن. حضرت بي بي هاجره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جا مبارڪ قدم صفا ۽ مروه جي جبلن تي لڳا تہ اهي جبلَ شعائرُ اللہ (يعني اللہ پاڪ جون

نشانيون) ٻڌجي ويا، جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم جي ٻئي سيپاري، سورت البقره جي آيت نمبر 158 ۾ موجود آهي.

## مهربان مهينو

رب جو مهمان ”ماهِ رمضان“ اُمتِ مصطفيٰ لاءِ تمام گهڻو مهربان ۽ رحمتِ رحمٰن آهي، ان جي هر هر گهڙي رحمت سان ڀريل آهي، روزيدار جو سمهڻ بہ عبادت آهي، نفل جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب 70 ڀيرا وڌي ويندو آهي. ٻين مهينن ۾ خاص ڏينهن يا راتيون برڪت واريون هونديون آهن پر هن مبارڪ مهيني جو هر ڏينهن ۽ هر رات رحمت ۽ برڪتن جي کاڻ آهي. ٻين اسلامي مهينن جون تاريخون ياد ناهن هونديون پر هن مبارڪ مهيني جو هڪ هڪ ڏينهن ڳڻي گذاريو ويندو آهي. اسان الله پاڪ جو بيحد شڪر ادا ڪيون ٿا تہ ان اسان کي پنهنجي آخري نبي مڪي مدني محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت ۾ پيدا فرمايو ۽ اسان کي رمضان جي نعمت سان نوازيو.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! گذريل هڪ ٻن سالن کان رمضان جي سچي عاشق، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ترغيب تي عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ”مڪتبۃُ المدينہ“ پاران رمضان جي مناسبت سان مختلف پينافليڪس ۽ ڪارڊ تيار ڪيا ويندا آهن، جيڪي ان جي ايپ [1] تان گهر ويٺي آرڊر ذريعي گهرائي گهر کي سجائي سگهجي ٿو.

## رمضان کان محبت جو انوکو مثال

سال 2024 ۾ خليجي ملڪ متحده عرب امارات (دبئي) گورنمنٽ پاران جاري ڪيل ”خليج نيوز“ جي هڪ خبر ڪيترن ئي عاشقانِ رسول جي دلين کي خوش ڪري ڇڏيو تہ رمضانُ المبارڪ جي آمد تي جيڪو پنهنجي گهر کي سڀ کان وڌيڪ سجائيندو، ان کي هڪ لک درهم انعام طور ڏنا ويندا، ٻئين ۽ ٽئين نمبر تي ايندڙن لاءِ بہ انعامن جو اعلان ڪيو ويو.

[1] ... مکتبۃ المدینہ کی ایپلیکیشن ڈاؤن لوڈ کرنے کے لیے اس QR کو اسکین کیجئے:

خبر جو سنڌي ترجمو: براند دبئي (جيڪو دبئي گورنمنٽ ميڊيا آفيس جو هڪ شعبو آهي) ۽ فِرجان دبئي ”دبئي جي بهترين سجايل رمضان گهرن“ جي مقابلي جو آغاز ڪيو آهي. ان مقابلي ذريعي دبئي جي رهائشي خاندانن کي دعوت ڏني وئي آهي تہ هو سڄي رمضان دوران پنهنجي گهرن کي سجاوٽ ۽ روشنين سان سينگارين. هن مقابلي ۾ شاندار انعام رکيا ويا آهن، جن ۾ پهرين پوزيشن لاءِ 1,00,000 درهم،

ٻئين پوزيشن لاءِ 60,000 درهم،

۽ ٽئين پوزيشن لاءِ 40,000 درهم ڏنا ويندا.

پهرين ٽن انعامن کانسواءِ، ستن شرڪاء کي ٻن ماڻهن لاءِ عمري جون ٽڪيٽون بہ ڏنيون وينديون. هي مقابلو ترغيب ڏياري ٿو تہ گهرن کي خوبصورتي سان سجائي رمضانُ المبارڪ کي ڀرپور انداز سان ملهايو وڃي. رمضان رخصت ٿيڻ کان ڪجهہ ڏينهن پهريان جن ماڻهن پنهنجي گهرن جون تصويرون موڪليون، انهن ۾ انعام ورهايا ويا. پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ پهرين نمبر تي ايندڙ گهر جي تصوير ۽ مڪمل خبر QR ڪوڊ جي صورت ۾ پيش ڪجي ٿي. گهر سجائيندڙن جو چوڻ آهي تہ اسان کي گهر سجائڻ ۾ لڳ ڀڳ پنج ڏينهن لڳا.

## عبادت ۾ رمضان جي تعظيم جو اهتمام

صحابيءِ رسول، حضرت تميم داري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ چار هزار درهم جو هڪ قيمتي ۽ بهترين لباس خريد ڪري رکيو هو، جنهن رات ليلةُ القدر جو گمان هوندو هو تہ خاص طور تي اهو لباس پهريندا هئا ۽ سڄي رات ذڪر ۽ عبادت ۾ گذاريندا هئا. (التهجدو قيام الليل لابن ابى الدنيا،311/1 ملخصاً)

امامِ اعظم ابو حنيفہ حضرت نعمان بن ثابت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه رات جي نماز لاءِ قيمتي قميص، شلوار، عمامو ۽ چادر پهريندا هئا جنهن جي قيمت ڏيڍ هزار درهم هئي. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه هر رات نماز اهڙي لباس ۾ پڙهندا هئا ۽ فرمائيندا

هئا تہ: ”جڏهن اسان ماڻهن کي سٺي لباس ۾ ملندا آهيون تہ اللّٰہ پاڪ سان ملاقات وقت اعليٰ لباس چو نہ پهريون. (تفسير روح البيان،پ8، الاعراف، تحت الآية: 31، 3 / 154ملخصاً)

## رمضان جي لائيٽنگ ۾ احتياط

اي عاشقانِ رمضان! رمضان جي سجاوٽ هجي يا ميلاد جي، ان ڳالھ جو خيال رکڻ ضروري آهي تہ جڏهن رات جو ماڻهن جي اچ وڃ ختم ٿي وڃي تہ گهرن جي لائيٽ بند ڪئي وڃي، چو تہ ان روشني جو مقصد ماڻهن جي دلين ۾ رمضان جي عظمت پيدا ڪرڻ ۽ ميلاد شريف ۾ حضرت بي بي آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي لال، محبوبِ رب ذُو الجلال صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ تشريف وٺي اچڻ جي خوشي جو اظهار ڪرڻ هوندو آهي. جڏهن ماڻهن جي اچ وڃ ختم ٿي وئي تہ جڻ سجائڻ جو مقصد پورو ٿي ويو. تنهنڪري پنهنجي علائقي جي رواج ۽ حالتن مطابق لائيٽون بند ڪري ڇڏيو.

## مسجد جي چندي مان رمضان جي سجاوٽ

امیرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَہ پنهنجي ڪتاب ”چندي جي باري ۾ سوال جواب“ ۾ لکن ٿا: جيڪڏهن چندو ڏيندڙن جي صراحتاً يا دلالتاً اجازت هجي تہ ڪري سگهجي ٿو، ٻي صورت ۾ نہ. صراحتاً مان مراد هي آهي تہ مسجد لاءِ چندو وٺڻ وقت چيو تہ اسان اوهان جي چندي مان جشنِ ولادت، يارهين شريف، شبِ برائت وغيره تي ۽ رمضان ۾ مسجد ۾ روشني ڪنداسين ۽ هن اجازت ڏئي ڇڏي. دلالتاً هي آهي تہ چندو ڏيندڙ کي خبر آهي تہ هن مسجد تي انهن موقعن تي سجاوٽ ٿيندي آهي ۽ ان ۾ مسجد جو ئي چندو استعمال ڪيو ويندو آهي. تنهن هوندي بہ عافيت ان ۾ آهي تہ چراغان وغيره لاءِ الڳ چندو ڪيو وڃي، جيتري رقم گڏ ٿئي ان مان چراغان ڪيو وڃي ۽ بجلي جو خرچ بہ ان مان ئي ادا ڪيو وڃي. (چندے کے بارے میں سوال جواب،ص20)

## گهريلو مسجد بنائڻ سنت آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! گهر ۾ جيڪا جڳھ نماز لاءِ مقرر ڪئي وڃي ان کي ”مسجدِ بيت“ چئبو آهي. (فتاویٰ رضویہ، 22/479 ملخصاً) اللّٰہ پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن اوهان مان ڪو ماڻهو

مسجد ۾ نماز ادا ڪري وني تہ ڪيس گھرجي تہ پنھنجي نماز مان ڪجھ حصو گھر لاءِ بچائي رکي چوتہ الله پاڪ ان نماز جي ڪري ان جي گھر ۾ خير ۽ برڪت عطا فرمائيندو. (مسلم، ص 306 ، حديث: 1822) اي عاشقانِ رسول! اڳوڻي زماني جي مسلمانن جي گھرن ۾ مسجدِ بيت (يعني گھرو مسجد) ھوندي ھئي. افسوس! ھاڻي گھرن ۾ بيڊ روم، ڊرائنگ روم، ڊريسنگ روم، اسٽڊي روم، ٽي وي لائونچ ۽ خبر ناھي ڇا ڇا ٺاھيا ويندا آھن! ناھن ناھيندا تہ "مسجدِ بيت" ۽ "وضو خانو" ناھي ٺاھيو ويندو. ھمت ڪريو! سٺين سٺين نيتن سان گھر ۾ مسجدِ بيت ٺاھيو ۽ ثواب جا حقدار بڻجو. "بھارِ شريعت" ۾ مسجدِ بيت جي ترغيب ڏياريندي لکيل آھي: "عورت لاءِ مستحب آھي تہ گھر ۾ نماز لاءِ ڪا جڳھ مقرر ڪري، ان کي پاڪ صاف رکي ۽ بھتر آھي تہ ان جڳھ کي ٿوري مٿانھين پليٽ فارم وانگر بڻائي. بلڪ مرد کي بہ گھرجي تہ نفل نمازن لاءِ گھر ۾ جڳھ مقرر ڪري، ڇو تہ نفل گھر ۾ پڙھڻ افضل آھن. (درمختارمع ردالمحتار، 3/494- بہارِ شریعت،1/1021، حصہ:5)

ياد رھي! مسجدِ بيت لاءِ سڄو ڪمرو ھجڻ ضروري ناھي، ڪمري ۾ ھڪ ماڻھو جي نماز جيتري جڳھ مخصوص ڪرڻ بہ ڪافي آھي. ان جي الڳ سان تعمير وغيره بہ ضروري ناھي. (فيضانِ نماز، ص532 بتغيرٍ)

وڌيڪ معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تان رسالو "گھريلو مسجد بنائڻ سنت آھي" پڙھندا ۽ ثواب جي نيت سان ٻين کي بہ شيئر ڪندا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رمضان جي سجاوٽ ڪندڙن لاءِ اميرِ اھلِ سنت جو پيغام ۽ دعا

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ھڪ تمام پياري ۽ خوشين ڀري ڳالھ عرض ڪرڻي آھي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! رمضان جو مھينو اچڻ وارو آھي. ھڪ عظيم الشان مھمان اچي رھيو آھي. مھمان جڏھن ايندو آھي تہ سجاوٽ سٺي لڳندي آھي، ڪيڏو نہ سٺو ٿئي تہ اسان پنھنجا گھر ۽ دڪان سجائي استقبالِ رمضان جي تياري ڪريون.

ان ۾ خيال رکڻ ضروري آهي تہ هر ماڻهو پنهنجي کيسي مان رمضان جي خوشي ۾ گهر سجائي. جيڪڏهن گهٽيون سجائي سگهو ٿا تہ اها بہ سٺي ڳالهہ آهي پر ياد رکو جيڪڏهن ڪنهن وٽ جشنِ ولادت جي سجاوٽ لاءِ گڏ ڪيل چندو هجي تہ اهو ٻئي ڪنهن مقصد ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي. ڇوتہ عرف ۾ رمضان شريف ۾ ان جي اجازت ناهي هوندي، تنهنڪري چندي جي پئسن مان اهڙي سجاوٽ نٿي ڪري سگهجي. جيڪڏهن مسجد يا مدرسي جو چندو استعمال ڪيو ويو تہ اهو گناهہ هوندو.

الله پاڪ رمضان جي خوشين ڪي ٻيڻو فرمائي. سڀئي ادارا پنهنجي طور سجاوٽ ڪن پر جشنِ ولادت ۽ رمضان جي سجاوٽ ۾ فرق هجڻ گهرجي تہ جيئن ٻنهي جي سڃاڻپ رهي، مثال طور اهڙو بورڊ لڳايو جنهن تي ”رمضان ڪريم مبارڪ هجي“ لکيل هجي. ان شاءَ الله مون بہ پنهنجي غريب خاني کي سجائڻ جي نيت ڪري ورتي آهي.


اي الله پاڪ! جيڪو بہ رمضان ۾ پنهنجو گهر، دڪان يا پاڙو سجائي، ان جي وفات کانپوءِ ان جي قبر نورِ مصطفيٰ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) سان قيامت تائين جڳمڳائيندي رهي.

| | |
|---|---|
| میں نے گھر کو سجالیا سن لو، | آؤ خوشیوں کے پھول سب چن لو |
| کاش! ہوجائے خوش مِرا رحماں، | واہ! کیا بات ماہِ رمضاں کی |

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net